# ماهوار سائنس



فيبروري ١٩٧٣ع

سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي طرفان تعليمي ادارن لاءِ منظور ڪيل




بـانـي

**الحاج سيد غلام مصطفيٰ شاهه**

وائيس چانسيلر، سنڌ يونيورسٽي، سنڌ

چيف ايڊيٽر

**ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي**

ايڊيٽر

**ڊاڪٽر سيد وڏل شاهه**

**ڊاڪٽر اسدالله قاضي**

اسسٽنٽ ايڊيٽر

**غلام مرتضيٰ پٽي**

صلاحڪار

- ڊاڪٽر محمدابراهيم ميمڻ
- ڊاڪٽر نور محمد ٽالپر
- ڊاڪٽر شمس الدين قريشي
- ڊاڪٽر شاهنواز عارباڻي
- ڊاڪٽر عبدالقادر انصاري
- ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه
- ڊاڪٽر محمد الياس تنيم

سال ...... [۳]

پرچو ...... [۲]

**فيبروري ۱۹۷۳ع**

**قيمت**

في پرچو — سوا رپيو

ساليانو — ۱۴ رپيا

آفيسون

ايڊيٽر: ”انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري“
سنڌ يونيورسٽي — ڄامشورو

مئنيجر: ”انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي“
سنڌ يونيورسٽي — ڄامشورو

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.



بسم الله الرحمٰن الرحيم

أَفَلَمْ يَنْظُرُوا إِلَى السَّمَاءِ فَوْقَهُمْ كَيْفَ بَنَيْنٰهَا
وَزَيَّنّٰهَا وَمَا لَهَا مِنْ فُرُوجٍ ○ وَالْأَرْضَ مَدَدْنٰهَا
وَأَلْقَيْنَا فِيهَا رَوَاسِيَ وَأَنْبَتْنَا فِيهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍ
بَهِيجٍ تَبْصِرَةً وَذِكْرٰى لِكُلِّ عَبْدٍ مُنِيبٍ ○

صدق الله العظيم ——— (٥٠-٦)

”چا انهن مٿان آسمان ڏانهن نظر ڪٽي نہ نهاريو آهي تہ ڪيئن اسان انکي بڻايو ۽ منجهس حسين نظارا پيدا ڪيا. (وري عجب هي تہ) منجهس ڪوبہ سوراخ نہ آهي. انهيءَ ريت زمين کي اسان فرش وانگر وڇائي منجهس جبلن جا ڪِلا کوڙيا ۽ قسمين قسمين خوبصورت گاهہ پيدا ڪيا. (انهيءَ ماندانڻ ۾) هر انهيءَ انسان لاءِ، جيڪو غور ۽ فڪر ڪري ٿو، حڪمت ۽ نصيحت جي روشني آهي.“

# سائنسي دؤر ۾ اسانجو سماج

## • ٻگڙيل ٻار • غيرذميدار والدين
## • فحش فلمون ۽ لٽريچر

اڄوڪي دؤر ۾ ننڍي عمر جي ٻارن جي ڇڙواڳي، بي راه روي، اڙٻائي ۽ ننڍا ننڍا ڏوه ڪرڻ سنگين نوعيت اختيار ڪري چڪا آهن. هر معاشرو هن صورتحال کان پريشان آهي ۽ ان کي روڪڻ جا آپاءُ وٺي رهيو آهي. پاڪستان ۾ مغربي ملڪن وانگر هي مسئلو جيتوڻيڪ ايترو سنگين نہ آهي، تنهن هوندي بہ اهو رجحان اسانجي تعليم يافتہ ۽ خوشحال ڪٽنبن جي نوجوانن ۾ روز بروز وڌي رهيو آهي. اهي نوجوان تخريبي سرگرمين، غير مهذب ۽ اٺوٺنڊڙ حرڪتن ۾ مبتلا ٿيندا رهن ٿا، ايتري قدر جو چوري ڪرڻ (جنهن ۾ موٽرڪارن، اسڪوٽرن ۽ سائيڪلن وغيره جو کڻي وڃڻ بہ شامل آهي) جوا، شراب، تماڪ نوشي ۽ ٻيا نشا واپرائڻ ۽ جنسي ڏوه ڪرڻ آنهن جو دلچسپ مشغلو رهي ٿو. والدين، استادن ۽ بزرگن جو ادب ۽ فرمانبرداريءَ سان انهن جو ڪوبہ واسطو نہ رهيو آهي. اسلام انهن لاءِ ڪابہ اهميت نٿو رکي. اهي پنهنجي ثقافتي ورثي کي وساري، غلط تهذيب جا پوچاري بڻجي ننڍن ڏوهن ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن ۽ لاقانونيت پيدا ڪري ان کي پنهنجي ڪاميابي سمجهن ٿا. اسان جي نوجوانن ۾ اِهو رجحان آخر ڇو پيدا ٿيو آهي؟ هو گمراه ڇو ٿيا آهن؟ ڇا انهيءَ صورت حال لاءِ اسانجو معاشرو جوابدار نہ آهي؟

**ٻار ۽ معاشرو:-** انساني ڪردار جا سڀ علم هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ ٻار پيدائش جي وقت عمراني فطرت (Social nature) جو مالڪ نہ هوندو آهي. نہ صرف هو ريتين، رسمن ۽ رواجن کان ناواقف هوندو آهي بلڪ اها بہ خبر نہ هوندي اٿس تہ ڪهڙيءَ طرح ڳالهائجي ٻولهائجي، ڪيئن هلجي چلجي ۽ ڪهڙيءَ ريت کائجي پيئجي. نيڪيءَ ۽ بديءَ، محبت ۽ نفرت جا جذبا هن لاءِ ڪابہ معنيٰ نٿا رکن. چڱي يا مٺي، سٺي يا خراب ۽ صحيح يا غلط جي ڪيس تميز نہ هوندي آهي. مطلب تہ معصوم ٻار جڏهن هن دنيا ۾ قدم رکي ٿو تہ آن وقت هن وٽ

> • جيڪڏهين مستقبل جي معمارن ۽ آئنده جي ابن کي صحيح راه تي هلائڻ لاءِ مناسب تدبيرون اختيار نہ ڪيون ويون تہ پوءِ صورتحال شايد ويتر وڌيڪ سنگين ٿي وڃي ۽ انوقت ڪابہ تدبير يا حڪمت عملي ڪارگر نہ ٿي سگهندي.

"حياتياتي ورثي" ۽ "انسان بڻجڻ جي قوتن" حاصل هئڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي. ٻين ساهوارن جي ابتڙ، هڪ انساني ٻار پنهنجي واڌ ۽ ويجهہ ۽ تربيت لاءِ نہ صرف ماءُ ۽ پيءُ جي رحم و ڪرم تي هوندو آهي پر ڪيس انساني نگهداشت جي ضرورت هڪ ڊگهي عرصي تائين درڪار رهندي آهي. هو ٻين جي تقليد ڪري ٿو ۽ سماجي قدرن سکڻ واسطي پنهنجي ماءُ، پيءُ ۽ گهر جي ٻين ڀاتين تي انحصار ڪري ٿو. ٻار جو ڪردار وڏن جي ڪردار جو عڪس ٿئي ٿو، ڇو تہ "ننڍو ٻار مٽيءَ جي وار" وانگر آهي، جنهن کي مرضيءَ مطابق ڦيرائي گهيرائي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ٻار جي پالنا نہ ڪئي وڃي، ڪيس تربيت نہ ڏني وڃي ۽ هن کي انساني ماحول کان جدا رکيو وڃي تہ پوءِ هو انساني ڪردارن کان هرگز واقف ٿي نہ سگهندو. ايتري قدر جو جيڪڏهن هن کي جانورن جي صحبت ۾ پاليو وڃي تہ هو جانورن جون صفتون، خصلتون ۽ ڪردار حاصل ڪندو. انساني ٻار جي ابتدائي ڪردار کي نہ سماج دشمن چئي سگهجي ٿو ۽ نہ سماج دوست. هن جي ڪردارجا معمار خود اسين آهيون. ٻار پنهنجي اندر سمايل بي پناه لڪل سکڻ جي قوتن ۽ اسان جي مدد سان جلدئي معاشرتي اقدار ۽ معمولات سکي ٿو. تنهن ڪري ٻارن کي اڙٻو يا بد اخلاق بنائڻ ۾ ٻئي ڪنهن کان اهم ڪردار خود اسان پاڻ ادا ڪريون ٿا. ٻارن جي خراب ٿيڻ جا ڪافي سبب آهن. رڳو سماجي ۽ ثقافتي عناصر ٻار جي ڪردار کي متاثر نٿا ڪن.

## پاڪستان ۾ نوعمر ٻارن جي اڙٻائي:

اسان جي ملڪ ۾ ڪو وقت اهڙو بہ هو جڏهن اسان جا ڳوٺ پنهنجون ضرورتون خود پوريون ڪندا هئا ۽ ماڻهو تعاون ۽ باهمي همدرديءَ جي اصولن تي حياتي بسر ڪندا هئا. گهڻو ڪري اولاد ماٽيئاڻو ئي ڌنڌو اختيار ڪندو هو ۽ هڪ ئي هنڌ گڏجي رهندا هئا. اهڙا ماڻهو

تمام ٹورا هوندا هئا جيڪي پنهنجين ذاتي ڪوشش جي ڪري پنهنجون سماجي ۽ اقتصادي حالتون سڌاري سگهندا هئا. هاريءَ جو پٽ گهڻو ڪري هاري ئي ٿيندو هو. اولاد محنتي ۽ فرمانبردار هوندو هو. قرب ۽ سچائي سندن زرين اصول هوندا هئا. هو مذهب جا پابند ۽ حق ۽ انصاف جا شيدائي هوندا هئا. ماڻهن جا سماجي تعلقات اِبتدائي ۽ دوبدو نوعيت جا هوندا هئا. مگر اڄ جو دور هڪ پيو دور آهي جنهن ۾ ڪُوڙ ۽ ٺڳي، ڪُلفت ۽ ڪدورت، دشمني ۽ نفرت عام آهن. سائنس جي موجوده ترقيءَ انساني فڪر ۽ سوچ، قول ۽ فعل ۾ وڏي تبديلي آندي آهي پر هر انسان انهيءَ تبديلي سان گڏ پاڻ کي بدلائي نه سگهيو آهي ۽ توازن کي برقرار رکڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. "سماجي تبديلي" (Social Change) ۽ صنعتي ترقيءَ جي ڪري اڄ جي ٻار جي فرائض جو دائرو پڻ وسيع ٿي ويو آهي. هن کي والدين جو ادب ڪرڻو آهي، ساڳئي وقت استاد جو حڪم به مڃڻو آهي. دنيوي تعليم حاصل ڪري مستقبل ۾ ڪو پيشو به اختيار ڪرڻو آهي. هن کي جيتوڻيڪ ڪابه صحيح مذهبي تعليم نٿي ڏني وڃي، مگر هن کان اها اميد رکي وڃي ٿي ته هو مذهب مطابق زندگي بسر ڪري ۽ مذهبي اصولن تي سختيءَ سان عمل ڪري. انهيءَ جو لازمي نتيجو اهو نڪتو آهي جو اسان جا نوعمر ٻار شخصيتي ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿي ارڏائي يا ڪج رويءَ جو مظاهرو ڪن ٿا. ٻارن جي ارڏائي جو مسئلو ڳوٺن جي مقابلي ۾ شهرن ۾ سنگين صورت اختيار ڪري چڪو آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو شهرن ۾ ٻارن جا ڏوهه تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. شهرن ۾ ابتدائي سماجي تعلقات جي گهٽتائي آهي ۽ سماجي ضابطي جا رسمي خواه غير رسمي طريقا آهستي آهستي گهٽ ۽ غير موثر ٿيندا پيا وڃن. والدين گهڻو ڪري اقتصادي پريشانين ۾ مبتلا رهن ٿا ۽ سڄو وقت روزگار جي فڪر ۽ تلاش ۾ گهرن کان ٻاهر رهن ٿا ۽ ڪن ڪٽنبن ۾ ٻارن جي پرورش نوڪرن جي حوالي ڪئي وڃي ٿي. ازانسواءِ فحش قلمون رسالا ۽ اخبارون ۽ عريان يا نيم عريان تصويرون ۽ سئنيمائن جا پوسٽر به ٻارن جي ذهن تي برو اثر پيدا ڪن ٿا. جيتوڻيڪ اسلام ۾ ٻارن جي تربيت تي وڏو زور ڏنو ويو آهي، پر صدين کان غير اسلامي معاشري سان واسطو پوڻ ڪري اسين ڪنهن حد تائين پنهنجن ٻارن جي تربيت کان دستبردار ٿي ويا آهيون.

## ڪٽنب ۽ ٻارن جي ارڏائي :

درحقيقت ٻارن جي نافرمانيءَ جا جوابدار اهي والدين آهن جيڪي سڀ کان پهرياڻين ٻار کي متاثر ڪن ٿا، سندس ذهن کي نيڪيءَ ۽ بديءَ جي تصورات کان آشنا ڪن ٿا، ۽ هنجي تربيت جو بار کڻن ٿا تنهنڪري انهن جون خصلتون، طور طريقا ۽ قدر ٻارن جي ذهن تي اهڙو پختو اثر پيدا ڪن ٿا جيڪو سڄي عمر تائين قائم رهي ٿو. والدين ٻار واسطي نيڪيءَ ۽ بديءَ جا ديوتا آهن ۽ پنهنجي قول ۽ فعل، نظرين ۽ خيالن جا جيڪي نمونا پيش ڪن ٿا، ٻار انهن کي پنهنجو بڻائيندو رهي ٿو. اڪثر ڪري والدين جا قول ۽ فعل متضاد هوندا آهن ۽ اها صورتحال ٻارن واسطي وڏي پريشاني پيدا ڪري ٿي. ڪيترا والدين خود به سٺي اخلاق وارا نه هوندا آهن، جنهنڪري سندن ٻار به وڏا ٿي سندن نقشِ قدم تي هلن ٿا ۽ ساڳئي ڪردار جو مظاهرو ڪن ٿا. ڪي والدين ٻارن سان بي توجهيءَ سان پيش ايندا آهن ۽ انهن جي ضرورتن کي پورو نه ڪندا آهن. اسان جي ملڪ ۾ نه پڙهيل ۽ سمجهدار طبقي سان واسطو رکندڙ والدين سان به اڪثر پنهنجن ٻارن جي نفسي ۽ سماجي گهرجن کي سمجهڻ جي ڪوشش نٿا ڪن. ان ڪري ٻارن ۾ شديد جذباتي الجهن پيدا ٿيو پوي. ٻارن جي تربيت ڏانهن پورو ڌيان نٿو ڏنو وڃي ۽ بعضي ته معمولي ڳالهين تان به ساڻن سختي سان پيش اچڻ ڪري، منجهن نفرت، ضد ۽ بغاوت جا ٻج پوکيا وڃن ٿا. ڪي والدين وري ٻارن کي اجائي مار ڏيڻ بعد ڪين پرچائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پر هو اهو نٿا سوچين ته ائين ڪرڻ سان ٻار وڌيڪ نڊر ۽ خراب ٿئي ٿو.

**غربت ۽ ٻارن جي آرڏائي :-** پاڪستان ۾ غربت ۽ جهالت جي ڪري ڪيترا ڪٽنب پنهنجن ٻارن جي تربيت کان ئي غافل ٿي وڃن ٿا. اڪثر ڪري اهڙا والدين پنهنجن ٻارن کي هوٽلن، ڪارخانن ۽ امير ماڻهن وٽ نوڪريءَ سان لڳائين ٿا. اهڙي خراب ماحول جي ڪري ٻار جي ذهنيت ڪچيءَ کان خراب ٿيو وڃي ۽ هو بريون عادتون پرائي ٿو. اهڙا ٻار سڄو ڏينهن ڪم ڪرڻ ڪري پنهنجي صحت به ختم ڪريو ڇڏين. ليڪن ڳوٺن ۾ ننڍپڻ ۾ نوڪريءَ ڪرڻ جا نتيجا ايترا خراب نٿا نڪرن. اتي ننڍا ٻار اڪثر مال چارڻ ۽ گاهه پٽڻ ڪرڻ لاءِ رکيا ويندا آهن جتي هنن کي غلط ماحول ميسر نٿو ٿئي، هنن جي

جسماني ورزش ٿئي ٿي ۽ کليل فضا ۾ هو صحتمند ٿين ٿا حالانڪ غربت جي سبب اڪثر ڏوهه وڌن ٿا ليڪن ٻارن جي بگڙڻ جو هيءُ ڪو واحد سبب نہ آهي. ڏٺو ويو آهي تہ ترقي پذير ملڪن ۾ شاهوڪارن جا ٻار اڪثر بگڙيل ۽ گمراه ٿين ٿا. ساڳيو حال اسانجي معاشري جو بہ آهي. هتي بہ اميرن جي ٻارن ۾ لاقانونيت ۽ ڏوهه ڪرڻ جا آثار وڌيڪ نظر اچن ٿا. دراصل ٻارنجي خراب ٿيڻ جا سبب ”خراب گهرو ماحول“ ۽ ”نـاقص نگراني“ آهن ۽ اهي اسباب گهڻو ڪري امير گهرائڻ جي ٻـــارن کي متاثر ڪن ٿا.

ڪي ڪٽنب وري خراب ۽ گندن محلن يا علائقن ۾ رهن ٿا، جتي ڏوهارين جو ڪافي تعداد موجود هوندو آهي. اهي عادتي ڏوهاري ننڍي عمر جي ٻارن کي خراب ڪرڻ جا ذميوار ٿين ٿـا ۽ کين پنهنجن ذاتي مقصدن لاءِ استعمال ڪن ٿا. اهڙن علائقن ۾ زندگي هميشه ڪشمڪش جو شڪار رهـــي ٿي. اهڙن هنڌن تي جوا ۽ شراب جا اڏا پڻ ٿين ٿا جنجو ننڍن ٻارن تي تمام گهڻو اثر پوي ٿو.

اجڙيل يا برباد ٿيل ڪٽنبن جا ٻار بہ گهڻو ڪري خراب ٿي وڃن ٿا. ماءُ يا پيءُ جي مرڻ بعد ٻارن جـــي پرورش اڻپوري ٿيو وڃي. هو ٻين جي هٿن ۾ اچيو وڃن جيڪي هنجي تربيت ڏانهن ڪو بہ ڌيان نٿا ڏين. انهيءَ ڪري اهڙا ٻار محبت ۽ شفقت جي تلاش ۾ پيا در ڏسن ٿـــا. مگر ماءُ پيءُ جو خلوص، شفقت، پيار ۽ سچائي ٻين درن تي ڪٿان آيون؟ ٻار نااميد ٿي ذهني الجهن ۾ مبتلا ٿيو پون. موجوده دور ۾ طلاق جي بيماري عام جام ٿي پيئي آهي جيڪا پڻ ننڍن ٻارن لاءِ تباهيءَ جو باعث بڻيل آهي چوڻي آهي تہ: ”جيڪا چٽي، اهائي نپائي.“ مائيجي ماءُ کي پرائي ٻار جو ڪهڙو احساس ٿيندو؟ ٻار ماءُ ۽ پيءُ جي باهمي تعلقات کي ڏسندو رهي ٿو. جنهن گهر ۾ صبح ۽ شام جهيڙو جهٽو رهي ٿو اتي جا ٻار هر گز سٺا ٿي نٿا سگهن. مطلب تہ اهو گهرو ماحول ۽ صحيح تربيت ئـي آهن جيڪي ٻار کي سڌاري ۽ سنواري انجي مستقبل کي بهتر بڻائين ٿا.

## اسڪول ۽ ٻارن جي ارڏائي

اڄ ڪلهہ اسڪولن ۾ پڙهائيءَ جو معيار بلڪل ڪيري چڪو آهي، جنهن ڪري اڪثر ٻار نااميد ٿي پڙهڻ کان نفرت ڪن ٿا. استادن جي غلط رويہ ڪري ٻـــارن جو دل شڪستہ ٿيڻ لازمي آهي. هو اسڪول مان ٻنا موڪل جي ڀڄڻ شروع ڪن ٿا ۽ پوءِ غلط صحبت ۾ اچيو خراب ٿيو وڃن. اسان جا اڪثر استاد ٻارن جي نفسيات کـــان ناواقف ٿين ٿا، جنهن ڪري ٻارن سان سختيءَ سـان پيش اچن ٿا ۽ نتيجو اهو نڪري ٿو جو ٻارن ۾ مجرمانہ ڪردار جا جيوڙا پيدا ٿين ٿا. ٻارن کـي سڌارڻ واسطي اخلاقي تهذيب ۽ تربيت جي ضرورت آهي. پر افسوس جو اسڪولن ۾ انهن کي بلڪل نظر انداز ڪيو ٿو وڃي. اسان جي ٻارن کي آلجبرا، انگلنڊ جي تاريخ يا يورپ جي تاريخ جهڙا مضمون تہ پڙهايا وڃن ٿا پر مذهب، اخلاقيات ۽ بزرگن جي سوانح عمرين جهڙا ڪارآمد مضمون نٿا پـڙهايا وڃـن. نتيجي ۾ اسان جا ٻار اخلاقي ميدان ۾ ڪمزور ٿين ٿـا ۽ غلط ماحول جلدي انهن تي اثر ڪري ٿو. جيئن تـــ پاڪستان ۾ سيني ٻارن واسطي تعليم جو بندوبست نہ آهي ان ڪري ڪافي ٻار گهٽين ۾ بيڪار گهمندا رهن ٿا جي بريون عادتون سکي والدين خواه معاشري لاءِ هڪ عذاب ثابت ٿين ٿا.

**غلط ثقافت جو جنم:-** اسان جو خوشحال طبقو هڪ اهڙي غلط ثقافت کي جنم ڏيئي رهيو آهي جنهن ۾ ناچ گاني، سئنيما ۽ فحش ادب کي وڏي مقبوليت حاصل آهي. دولتمندن جا ٻار اهڙي ماحول کان بيحد متاثر ٿين ٿا ۽ انهن ۾ جنسي ۽ اخلاقي ڪمزوريون پيدا ٿين ٿيون. اشتهار ۽ اگهاڙيون تصويرون بہ ٻارن تي خراب اثر وجهن ٿيون. ٻارن جي سڌاري ۽ صحيح سکيا طرف اسان جو سماج ڪو بہ ڌيان نٿو ڏئي. جيڪڏهن ڪو شخص جسماني بيماريءَ ۾ مبتلا آهي تہ ان کي هڪدم ڊاڪٽر ڏانهن نيو وڃي ٿو ليڪن اخلاقي ۽ ذهني بيمار جي علاج کي ڪابہ اهميت نٿي ڏني وڃي.

**بگڙيل ٻارن کي ڪيئن سڌارجي؟** اسان جي ملڪ ۾ اهڙن بگڙيل ۽ گمراه نوعمر ٻارنجو تعداد ڏڪڙو وڌي رهيو آهي. جيڪڏهن هن سنگين مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ ترت ۽ موثر اپاءُ نہ ورتا ويا تہ پوءِ اسان جـــي معاشري ۽ مغربي معاشري ۾ ڪو بہ فرق نہ رهندو. تنهن ڪري ضروري آهي تہ:

(۱) تعليم ڏانهن پورو ڌيان ڏنو وڃي. ٻارن جي تربيت متعلق ڪتاب لکيا وڃن. استادن کي ٻارن جـــي نفسيات لازمي پڙهائي وڃي. (بقايا ڏسو صفحو ۲۲)

# سوالنامو

"انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي" طرفان سنڌ يونيورسٽيءَ جي نظرداريءَ هيٺ "قاموس المشاهير سنڌ" (Biographical Dictionary of Sindh) جي عنوان سان هڪ رٿا تي تيزيءَ سان ڪم ٿي رهيو آهي. انهيءَ اهم رٿا هيٺ سنڌ جي ماضيءَ توڙي حال جي مشهور ماڻهن جي سوانح حيات ڏني ويندي. مهرباني ڪري پنهنجي ڀرين فرصت ۾ هي سوالنامو پري موڪليندا جيئن هيءَ رٿا وقت سر مڪمل ڪري سگهجي. اها معلومات الڳ ڪاغذ تي به لکي سگهجي ٿي.

---

۱- نالو پيءُ جو نالو ۽ ذات ______

۲- عهدو ______

۳- ائڊريس ______

۴- ڄمڻ جو هنڌ ______ (ڳوٺ، شهر، تعلقو، ضلعو، ملڪ)

ڄمڻ جي تاريخ (تاريخ، مهينو، سال) ______

۵- تعليمي لياقتون ______

۶- اعزاز، انعام، وغيره ______

۷- صنف، مضمون ______

۸- تصنيفون ______

نوٽ:- مهرباني ڪري پنهنجي ڄاڻ سڃاڻ وارن اديبن، عالمن، شاعرن، سياستدانن، ماهرن وغيره جا نالا ڄاڻايو.

نالو ۽ ائڊريس ______

______

______

ضروري:- هيءُ سوالنامو هيٺين ائڊريس تي ڏياري موڪليندا.

**(ڊاڪٽر غلام علي الانا)**

اسسٽنٽ ڊائريڪٽر،

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،

سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو سنڌ

# سائي گاهه تي جانورن جي پرورش



سنڌ هڪ زرعي صوبو آهي ۽ هتي جي ٨٠ سيڪڙو عوام جو گذران سڌي يا اڻ سڌي طرح زراعت تي آهي. زراعت ۽ جانورن جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي. گهڻن زراعتي پيشي وارن جو گذران وري جانور پالڻ تي آهي. جهڙي طرح انسان لاءِ پوري پني غذا جي ضرورت آهي اهڙي طرح سائو گاهه جانورن لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو. سائو گاهه اسانجي صوبي ۾ عام ملي ٿو تنهنڪري هن مضمون ۾ سائي گاهه ۽ ان مان جانورن جي پرورش جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

جانورن لاءِ سائو گاهه نهايت ئي سستو ۽ سٺو کاڌو آهي. سائي گاهه ۾ سڀني طاقتورن جزن سان گڏ ڪيلشيم ۽ فاسفورس جا جزا پڻ موجود آهن. سائي گاهه جي اهميت جي خبر هن مان پوي ٿي ته آمريڪا جهڙي وڏي ملڪ ۾ کير ڏيندڙ جانور پنهنجي خوراڪ جو ٤٧ سيڪڙو سائي گاهه مان حاصل ڪندا آهن ۽ وڏي گوشت لاءِ پاليل جانور پنهنجي خوراڪ جو ٨٢ سيڪڙو، ٻڪريون ۽ رڍون پنهنجي خوراڪ جو ٩٤ سيڪڙو، گهوڙا ۽ خچر وغيره پنهنجي خوراڪ جو ٦٨ سيڪڙو سائي گاهه مان حاصل ڪندا آهن. سائي گاهه تي مال پالڻ نهايت ئي نفع بخش ۽ سستو طريقو آهي.

اسانجي صوبي ۾ موسم جي لحاظ سان ٻن قسمن جا ساوا گاهه ٿيندا آهن- ١- ربيع ٢- خريف. زميندار ماڻهو ان کي چيٽ ۽ ڪتي پڻ چوندا آهن. ربيع ۾ برسيم، لوسڻ، سنجي ۽ شفتل وغيره ٿيندا آهن. خريف ۾ مڪئي، جوار باجهري ۽ ٻيا ساوا گاهه ٿيندا آهن. انهن ۾ طاقتور جزا تمام گهڻا ٿيندا آهن. ٻهراڙين ۾ جتي سائو گاهه سولائيءَ سان دستياب هجي، اتي جانور گهٽ خرچ تي پالي سگهجن ٿا. گوار، جوئر، لوسڻ، برسيم ۽ شفتل جانورن جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪن ٿا ۽ ان جي پيداوار ۾ به اضافو ڪن ٿا، جهڙوڪ کير، گوشت ۽ اُن وغيره.

جيڪڏهن هڪ مينهن يا ڍڳي کي ڏيڍ مڻ سائو گاهه روز ڏجي ته هو پنهنجيون جسماني ضرورتون پوريون ڪرڻ کان پوءِ به ٥ يا ٦ سير کير ڏئي سگهي ٿي. جيڪڏهن جانورن کي سٺو کاڌو ڏنو وڃي ۽ کاڌي ۾ ڪڻ، چاڻ وغيره به شامل ڪجي ته نهايت ئي فائديمند نتيجو نڪرندو آهي يعني جانورن جي صحت به سٺي رهندي آهي ۽ کير به گهڻو ڏيندا آهن.

شهرن ۾ ٻهراڙين جي مقابلي ۾ سائو گاهه تمام مهانگو ملندو آهي. شهرن ۾ جتي سائو گاهه گهٽ ملندو آهي اتي جا ماڻهو وري ٻهه استعمال ڪندا آهن. شهرن ۾ عام طور سائو گاهه ١٠ يا ١٥ سير ڏنو ويندو آهي جنهن سان جانورن جي ضرورت پوري نه ٿيندي آهي. جيڪڏهن جانورن جي خوراڪ صحيح ۽ پوري نه هوندي ته هو جلد ڪمزور ٿي ويندو ۽ پنهنجي اصلي وقت کان اڳ ۾ پوڙهو نظر ايندو. جيڪڏهن ڍڳو هوندو ۽ هر هلائڻ جي قابل نه رهندو ته پوءِ مجبور ٿي ڪاسائيءَ کي وڪڻي ڏيڻو پوندو جيڪو هارين توڙي زميندارن لاءِ نقصان ڪار ثابت ٿيندو آهي. اهڙن جانورن جو گوشت به غذائي اعتبار کان سٺو نه هوندو آهي. جيڪڏهن ڪم جي گهٽائي ۾ مثال طور ڪڻڪ ۽ ڪپهه جي پوکڻ جي ڏينهن ۾، جڏهن ڪم تمام

(بقايا ڏسو صفحو ٢٢)

عبدالمالڪ عباسي

# ميڪسيڪن ڪڻڪ جي تواريخ

ڪڻڪ دنيا جي تهذيب يافته قومن جي پسنديده غذا آهي. قديم دور کان انسان نه صرف هن پوک کي اناج جي ٻين فصلن جي نسبت پوکڻ ۾ ترجيح ڏيندو ٿو اچي؛ پر ان سان گڏ شوقيه (Ameture) يا هڪ ماهر سائنسدان جي حيثيت سان ڪڻڪ جي بهتر جنسن ٺاهڻ ۽ ان جو ٻج وڌائڻ (Multiplica-tion) جي جدوجهد به جاري رکندو اچي. ميڪسيڪن ڪڻڪ جي جنسن جي تواريخ ڏسڻ سان مختلف ڏنڏن سان تعلق رکندڙ عوام اهو محسوس ڪري سگهندا ته هر ملڪ جي اهم مسئلي "غذائي پيداوار ۾ پاڻ پرو ٿيڻ" لاءِ علم نباتات (Botany and plant breeding) جو هڪ ماهر ڪهڙو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

ڊاڪٽر سالمن ناليءِ آمريڪا جي هڪ زرعي صلاحڪار ١٩٣٦ع ۾ جپان ۾ آمريڪين جي والاريل علائقي ۾ (جيڪو تازو جپان حڪومت کي واپس ڪيو ويو آهي) ڪڻڪ جي هڪ تحقيقاتي اسٽيشن (Wheat Breeding station) جو معائنو ڪيو هو. اتي بيٺل فصل جي ٻيجاري (Nursery) ۾ ڊاڪٽر صاحب هڪ ننڍي قد واري جنس نارن -١٠ (Norn -10) جا ٻوٽا ڏٺا. جپان جي ٻوٽن جي تحقيقاتي اداري وٽ موجود ان جنس جو شجرو (Pedigree record) ڏسڻ سان معلوم ٿيو ته نارن- ١٠ (Norn -10) ٽن جنس جي ميلاپ (Cross) سان ٺهي. انهن ٽنهي جنسن ۾ ٻه آمريڪي (١) فلز (Fultz) ۽ (٢) ترڪي ريڊ (Turkey Red) ۽ هڪ جپاني جنس "ڊاريوما" (Daruma) آهن.

نارن جنس ٺهڻ جو طريقو - فلز جنس ١٨٩٢ع ۾ واپاروسيلي آمريڪا کان جاپان کي ڏني ويئي - سائنسي ماهرن ان جنس مان سنا ٻوٽا چونڊڻ سان گلاسي فلز (Glassy fultz) جنس ٺاهي. ١٩١٧ع ۾ گلاسي فلز جنس کي جپاني جنس "ڊاريوما" سان ملايو ويو. انهيءَ ميلاپ وري "فلز ڊاريوما" نالي هڪ نئين جنس کي جنم ڏنو. سن ١٩٢٤ع ۾ "فلز ڊاريوما" کي ٽين جنس "ترڪي ريڊ" سان ملايو ويو - انهيءَ ميلاپ مان مختلف جنسي قسمن (Genetic types) جا ٻوٽا ظاهر ٿيا - علم

- نئس



نباتات جي ماهرن انهن ٻوٽن مان هڪڙي ننڍي قد واري بهتر ٻوٽي کي چونڊي ان جو ٻج وڌايو. انهيءَ ڪوشش سان جنس "ٽوهوڪو نمبر ٣٤" (Tohuku No. 34) جنم ورتو. اها جنس بعد ۾ نارن- ١٠ (Norn- 10) جي نالي سان ١٩٣٥ع ۾ جپان جي هارين کي پوکڻ لاءِ ڏني وئي.

نارن ١٠ جنس جون مکيه خاصيتون :- نارن ١٠ جو قد ٢٤ انچ آهي، سو به جتي زمين جي زرخيزي تمام بهتر ۽ پاڻي به گهرج تي پورو ڏنو ويو. ٻوٽو قد ننڍي هئڻ ڪري ڪِري پوڻ (Lod-ging) کان بچيل ۽ زياده ٻوڙهو هڻندڙ (Tillering) ٿئي ٿو.

وڌيڪ تحقيقات :- ڊاڪٽر ايس - سي سالمن (Dr. S. C.-Salmon) مٿين چاڙهيل خاصيتن کي خيال ۾ رکندي جپان مان "نارن ١٠" جنس جو ٻج پنهنجي ملڪ آندو - واشنگٽن اسٽيٽ يونيورسٽيءَ جي ڊاڪٽر او - اي-ووگيل (O. A.Vogel) ڪجهه ٻجن سان تحقيقاتي پروگرام تي عمل ڪيو جنهن سان هڪ نيم ننڍي قد (Semi dwarf) واري جنس گينس (Gaenes) ١٩٦١ع ۾ نڪتي. ساڳئي وقت ڊاڪٽر بورلاگ، نارن ١٠ جنس کي وڌيڪ سڌارڻ ۽ نيون جنسون ٺاهڻ لاءِ پنهنجي تحقيقاتي پروگرام ۾ شامل ڪيو - ان جي نتيجي ۾ ميڪسيڪن ننڍي قد ۽ نيم ننڍي قد واريون بهتر پيداوار ڏيندڙ جنسون نڪتيون، جن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿيون :

١- پڪٽڪ ٦٢ (Pictic 62)
٢- پينجامو (Penjamo)
٣- لرماروجو (Lerma Rojo)
٤- سانورا ٦٤ (Sonora 64)

(بقايا ڏسو صفحو ٣٢)



گرين لئنڊ جو برفاني رڇ

رڇ جي کل بستري تي وڇائڻ جي ڪم آندي ويندي آهي. رڇ جي کل جو ننڍو ٽڪر به اسڪيمو لاءِ وڏي قيمتي شيءِ هوندو آهي.

ايسڪيمو جي پوشاڪ هر انهيءَ ماڻهوءَ کي عجيب لڳندي جنهن ان کي پهريون دفعو ڏٺو هوندو. هر گهراڻو خاص قسم جا ڪپڙا پائيندو آهي. سندس پوشاڪ مان سندس گهراڻي جو پتو لڳائي سگهبو آهي. ايسڪيمو جي پوشاڪ جا هي نمونا پيڙهين کان ساڳيا هلندا اچن. سندن چوڻ آهي ته سندن پوشاڪن جي ڊزائن سندن ابن ڏاڏن جي ورهين جي تجربي جو نتيجو آهي ۽ اها سندن ضرورتون پوريون ڪري ٿي ان ڪري ان ۾ ڦير گهير آڻڻ نه گهرجي. هيٺين ڪوٽ کي اٽيجي (Attigi) چوندا آهن. اهو اهڙيءَ طرح پائيندا آهن جو کل جا وار جسم واري پاسي هجن. هن واسڪوٽيءَ لاءِ ساهير جي کل بهترين ليکي ويندي آهي پر ڪنارن سان لڳو لڳ رهندڙ ايسڪيمو سيل جي کل مان ٺاهيندا آهن. ڪي وري



”سيل“ جي کل کي سڪايو پيو وڃي

گدڙ جي کل يا پکين جي نرم کل مان ٺاهين ٿا. واسڪوٽيءَ جي مٿان اوور ڪوٽ پائين ٿا. اوورڪوٽ پنهنجي گهرن کان ٻاهر پائيندا آهن. هي ڪوٽ گهڻو ڪري ساهير جي کل نه ملڻ جي حالت ۾ سيل جي کل مان ٺاهيندا آهن. مردن ۽ عورتن جي اوور ڪوٽ ۾ صرف ايترو فرق هوندو آهي ته مردن جي ڪوٽ ۾ چمڙي جي ڏوري لڳل هوندي آهي جيڪا برف جي طوفان وقت مٿي واري ٽوپ کي ڇڪي مٿي تي چاڙهيندي آهي. پتلونون ساهير يا هرڻ جي کل جون هونديون آهن ۽ گوڏن کان ٿورو هيٺ پهنديون آهن. عورتون پتلونن جو وارن وارو پاسو اندر ڪنديون آهن ۽ مرد ٻاهر. پيرن ۾ جوراب پائي پوءِ انهن جي مٿان جوتا پائين. اندريان توڙي ٻاهريان جوراب سيل يا ساهير جي کل مان ٺاهين ۽ جوتا پڻ ساڳيءَ شيءِ مان.

## ايسڪيمو عورتون ٻارڙن کي ڪيئن گرم رکنديون آهن؟

عورتن جي ڪوٽن جا ڪلها تمام ويڪرا هوندا آهن، ايتريقدر جو ڪوٽ لاهڻ کانسواءِ ٻانهون ٻاهر

"Receiving areal" سان ٽڪرجي ٿو. ريڊيائي لهرن‌جي وڃڻ ۽ موٽڻ اچڻ جو وقت نوٽ ڪري ڇڏبو آهي ۽ پوءِ هيٺين مساوات ذريعي ان شي جو مفاصلو معلوم ڪبو آهي. مثال طور ريڊيائي لهرون "t" سيڪنڊن ۾ وڃن ۽ موٽن ٿيون ۽ اها شيءِ ريڊار کان "d" مفاصلي تي آهي‌ته مساوات $2d = tc$ ٿيندي. جيئن‌ته "c" ريڊيائي لهرن جي رفتار آهي جيڪا روشنيءَ جي رفتار جيتري يعني $3 \times 10^8$ ميٽر في سيڪنڊ هوندي آهي. وقت "t" معلوم ڪرڻ سان مفاصلو "d" ملي ويندو ۽ اها شي‌ان طرف تي هوندي آهي جنهن طرف کان لهرون موٽنديون آهن.

ريڊار جا ٽي مکيه ڀاڱا ٿيندا آهن ۱- ٽرانسميٽر يا اماڻيندڙ ۲- هوائي تار يا انٽينيا ۳- جهٽيندڙ اوزار يا رسيور.

**(۱) اماڻيندڙ يا "ٽرانسميٽر"** ريڊار ۾ هڪ خاص قسم جو اوزار هوندو آهي جنهن کي اماڻيندڙ يا ٽرانسميٽر چئبو آهي. هن ۾ زياده لهري تيزي (Frequency) واريون لهرون پيدا ڪندڙ لهرائيندڙ يا "آسيليٽر" هوندا آهن، جن جي وسيلي زياده قوت واريون وقفي ريڊيائي لهرون پيدا ڪيون وينديون آهن. هنن لهرن جي لهري تيزي ۱۰۰ کان ۱۰۰۰۰۰ ميگا سائيڪل في سيڪنڊ هوندي آهي. هنن لهرن جي لهري ڊيگهه (Wave lenth) تمام ننڍي هوندي آهي هي لهرون هميشه سڌي رستي سان سفر ڪنديون آهن ۽ تمام ننڍين شين سان ٽڪرجڻ کانپوءِ به واپس موٽنديون آهن.

**(۲) هوائي تار يا "انٽينيا":-** ريڊار ۾ هڪ وڏي هم طرفي هوائي تار هوندي آهي. جيئن ته موٽندڙ لهرن جي شڪتي گهٽ هوندي آهي ۽ جهٽيندڙ هوائي تار (Receiving areal) موٽندڙ شڪتي گهٽ انداز ۾ حاصل ڪندي آهي تنهن ڪري اماڻيندڙ جي ذريعي زياده قوت واريون لهرون پيدا ڪيون وينديون آهن ۽ اماڻيندڙ هوائي تار (Transmitting areal) کي هڪ ئي تيزيءَ ۽ انداز سان گهمايو ويندو ۽ ريڊيائي لهرن کي ننڍين ننڍين وقفن ۾ موڪليو ويندو.

**(۳) جهٽيندڙ اوزار يا "رسيور":-** ريڊار جو جهٽيندڙ اوزار به ريڊيائي‌جي جهٽيندڙ اوزار وانگر هوندو آهي. هن کي هڪ پڙدو هوندو آهي جنهن کي انگريزيءَ ۾ "Cathode ray tube" چئبو آهي. ريڊيائي لهرون مختلف شين سان ٽڪرجڻ کانپوءِ جهٽيندڙ هوائي تار سان گذري اچي رسيور جي پڙدي تي لڳنديون آهن ۽ ان شيءِ جو عڪس ناهينديون آهن. ريڊيائي لهرن جي وڃڻ ۽ موٽڻ جو وقت به هن اوزار جي ذريعي معلوم ڪبو آهي.

ياد رکڻ گهرجي ته هن مضمون ۾ ريڊار جو اندريون جوڙجڪ ڪونه ڏنو ويو آهي، رڳو مختلف مرحلن ۽ لهرن‌جي وڃڻ ۽ موٽڻ جو بيان ڏنو ويو آهي.

# چقمق جون خاصيتون

۱- چقمق لوهه ۽ رڱ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو آهي!
۲- هرهڪ چقمق ۾ ٻه پول آهن. هڪڙو اتر ۽ ٻيو ڏکڻ پول.
۳- هڪجهڙا پول هڪٻئي کي پري رکندا آهن ۽ مخالف پول هڪٻئي کي ڇڪيندا آهن!
۴- زمين به هڪ وڏو چقمق آهي.
۵- زمين کي چوڌاري پنهنجو چقمقي دائرو آهي.
۶- بجلي چقمقي اثر پيدا ڪندي آهي!
۷- چقمق بجلي پيدا ڪندو آهي!



# ذهني آزمائش

هيٺين سوالن جا جواب ڀرين پاڻ سوچي
پنهنجي ذهني لياقت جو اندازو لڳايو

سليم قاضي

جيڪڏهن اوهان معلوم ڪرڻ ٿا گهرو ته اوهان ڪيترا ذهين آهيو ته پوءِ هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو. هيءَ مشق ڏهن سوالن تي مشتمل آهي جنڪي حل ڪرڻ لاءِ اوهان کي ڏه منٽ ڏنل آهن. هر هڪ سوال تي هڪڙي مارڪ رکيل آهي. وقت پوري ٿيڻ تي پنهنجا جواب صحيح حل سان ڀيٽيو ۽ ڏسو ته اوهان ڪيتريون مارڪون کنيون آهن. انڪانپوءِ خود اندازو لڳايو ته اوهان ڪيترا ذهين آهيو. سوالن جا جواب صفحه ٣٥ تي ڏنل آهن.

جن ٻارڙن جو مارڪون ٣ کان ٥ تائين هجن تنکي سمجهڻ گهرجي ته سندن ذهن چڱو آهي. جن جون مارڪون ٥ کان ٧ تائين اچن، تنجو ذهن سٺو چئبو ۽ جيڪي وري ٧ کان وڌيڪ مارڪون کڻن سي تمام ذهين چئبا.

ٻارڙن کي گهرجي ته هيٺين هدايتن تي عمل ڪن

١- ڪنهن به سوال تي گهڻو وقت نه وڃايو. سوال نه اچي ته ڇڏي ڏيو. ممڪن آهي ته اوهان غلط رستي تي سوچي وقت ضايع ڪندا هجو. ساڳئي وقت سوال کي ڏکيو سمجهي تڪڙ ڪري ڇڏي به نه ڏيو. ڇاڪاڻ ته گهڻا سوال ٿوري صبر ۽ فڪر سان حل ڪري سگهجن ٿا. ڪهڙي سوال کي ڇڏڻ گهرجي ۽ ڪهڙي تي پنهنجو قيمتي وقت ڏجي ان لاءِ پنهنجي ذهن تي زور ڏيو ۽ ٿوري تجربي سان اوهان کي اهـا اٽڪل سمجهه ۾ اچي ويندي.

٢- ضروري نه آهي ته اوهان کي هر سوال جو حل اچي. دنيا ۾ اهڙو ڪوبه انسان ڪونهي جو ٿورڙي وقت ۾ هر سوال جو صحيح جواب ڪيدي. انڪري سوال نه اچي ته دل ننڍي نه ڪريو.

٣- سوال کي حل ڪرڻ کان اڳ سوال سمجهو ۽ پوءِ جواب لاءِ سوچيو.

## (مشق ـــ ١)

سوال ١- کٽل انگ معلوم ڪريو

3 5 7 .... 11 13

سوال ٢- اها ڪهڙي شي آهي جنهنجي باقي شين سان نسبت نه آهي.

انب ـ صوف ـ ڪڪڙ ـ ڪيلو ـ نارنگي

سوال ٣- ڏنگين ۾ ٻن اکرن وارو اهڙو لفظ لکو جنهن جي اڳياڙيءَ ۾ جيڪڏهن ڏنگين جي ساڄي پاسي وارن اکرن مان ڪوبه ڳنڍجي ته هڪ نئون لفظ ٺهي.



# كاروليس لنيئس (Carolus Linnaeus)



## ٻوٽن جي درجه بندي ڪندڙ سائنسدان

علم نباتات جو ماهر، "ڪاروليس لنيئس" اڄ کان اٽڪل ٢٦٥ سال اڳ ١٧٠٧ع ڌاري، "سويڊن" جي خوبصورت ڍنڍن ۽ باغن سان ڀرپور هڪ ڳوٺاڻي علائقي ۾ پيدا ٿيو. سندس پيءُ ڳوٺ جي ديول جو پادري هو.

"ڪاروليس لنيئس" جڏهن چئن سالن جي عمر جو ٿيو، تڏهن هو پنهنجي پيءُ سان گڏجي باغ ۾ ويندو هو ۽ اتي سڄو ڏينهن جهنگلي گلن کي ڳوليندو رهندو هو. اٺن سالن جي عمر ۾ سندس پيءُ کيس باغ جو هڪ ٽڪر ڏئي ڇڏيو جنهن ۾ هو قسمين قسمين گلن جا ٻوٽا لڳائيندو رهندو هو.

ڪاروليس لنيئس جڏهن اسڪول ۾ داخل ٿيو، تڏهن سندس ماءُ جي اها مرضي هئي ته ڪاروليس پنهنجي پيءُ وانگر پادري ٿئي. هوءَ ڪاروليس جي گلن ۽ ٻوٽن سان دلچسپيءَ کي صرف سندس دل جو شوق سمجهندي هئي، ڇاڪاڻ ته ان وقت تائين سويڊن ۾ ڪو به قابل ذڪر سائنسدان پيدا نه ٿيو هو ۽ نباتات جي علم کي روزگار جو ذريعو بنائڻ جو ته خيال به نه ڪيو ويو. ان زماني ۾ رڳو ڊاڪٽريءَ جو علم ئي هو جنهنکي ڪمائيءَ جو ذريعو سمجهيو ويندو هو. پر جيئن ته ڪاروليس کي نه پادري ٿيڻ جو شوق هو، ۽ نه وري ڊاڪٽريءَ سان ڪا دلچسپي، تنهنڪري هو تعليم تي گهٽ ۽ باغ جي ٻوٽن تي وڌيڪ ڌيان ڏيندو هو. سندس پيءُ اهو ڏسي کيس ڪو ٻيو ڌنڌو سيکارڻ لاءِ سوچي رهيو هو. اتفاق سان ڳوٺ جو هڪ ڊاڪٽر لنيئس جي ذهانت کان متاثر ٿيو ۽ کيس تربيت ڏيڻ لاءِ

پنهنجي گهر وٺي ويو. ڪاروليس لنيئس کي جڏهن خبر پئي ته ڊاڪٽر پاڻ به نباتات جي علم مان واقف آهي، تڏهن هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڊاڪٽر وٽ علم بدن ۽ طب جو علم حاصل ڪرڻ لڳو. ان کان پوءِ ڪاروليس "اپسالا يونيورسٽيءَ" ۾ داخل ٿيو. ان يونيورسٽيءَ ۾ هو دوائن جي علم کان وڌيڪ ٻوٽن ۽ جانورن ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. هڪ ڏينهن هو يونيورسٽيءَ جي باغ ۾ هڪ بينچ تي ويٺو، ٻوٽن تي ويچار ڪري رهيو هو ته يونيورسٽيءَ جو هڪ هوشيار استاد ڊاڪٽر "ڊين اسپليس" اچي اتان نڪتو. هن جو هڪ شاگرد کي معمول جي خلاف ٻوٽن جو مطالعو ڪندي ڏٺو، سو ڏاڍو حيران ٿيو ۽ جڏهن هن ڪاروليس کان ان بابت ڪجهه سوال

# سوالن جو نئون سلسلو

هيٺين سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ ٻارن کي "سائنس" جنوري ١٩٧٣ع واري پرچي جو مطالعو ڪرڻو پوندو. جواب موڪليندڙ ٻارن جا نالا ايندڙ پرچي ۾ شايع ڪيا ويندا. هن سلسلي شروع ڪرڻ جو مقصد رکيو اهو معلوم ڪرڻ آهي ته ٻارڙا "سائنس" رسالي ۾ ڇپيل مواد سان ڪيتري دلچسپي رکن ٿا. "انچارج ٻارن جا صفحا"

١- گاما (8) ڪرڻا ڇا آهن؟ انهن جي ماپ جي اڪائي ڇا آهي؟ انهنجو گهٽ ۾ گهٽ ڪيترو مقدار موت جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو؟

٢- ائٽم بم جا اثر ڪهڙن قسمن جا ٿين ٿا؟ انهن کان بچاءَ جا طريقا مختصر طور تي ٻڌايو؟

٣- ڪوئلي جي درجه بندي ڪيئن ڪئي ويئي آهي؟ سنڌ ۾ ڪهڙي قسم جو ڪوئلو ۽ ڪٿي ملي ٿو؟

٤- نند ۾ هلڻ جو ڪارڻ ڇا ٿي سگهي ٿو ۽ انجي علاج لاءِ مريض کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

٥- دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي اک ڪنهنجي آهي ۽ ڪٿي آهي؟

٦- خلائي کوجنا مان ڪهڙن نتيجن تي پهتا آهيون ۽ انهن مان ڪهڙا فائدا حاصل ٿيا آهن؟

٧- پئراسائيٽ ڇا آهن؟ "هُڪ ورم" (Hook worm) نالي پئراسائيٽ جو اثر جسم جي ڪهڙي حصي تي ٿئي ٿو ۽ ان کان بچاءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

٨- جديد سائنس جا چند ڪارناما لکو.

٩- شينهن جي عادتن جو جائزو ١٠ سٽن ۾ ڏيو.

١٠- جونءِ هڪ ماڻهوءَ کان ٻئي ماڻهوءَ تائين ڪيئن پهچي ٿي ۽ ان کان نجات ڪهڙي طريقي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

# سائنسي معلومات

## ● هاٿيءَ لاءِ سياري جو لباس

روس جي "يورال" نالي هڪ شهر ۾ هڪ سرڪس ڪمپنيءَ اچي ديرو ڄمايو. پر اتي پهچڻ کانپوءِ سرڪس جي اختياريءَ وارن محسوس ڪيو ته اتان جي ٿڌ سرڪس جي آرٽسٽن ۽ خاص طرح سان "تورگاس" نالي ٥٥ ورهين جي هڪ هاٿيءَ جي برداشت کان ٻاهر آهي. انهيءَ هاٿيءَ جو هڪ گرم علائقي سان تعلق هو تنهن ڪري هن شهر جي ٿڌ هن لاءِ موافق نه هئي. اهو ڏسي سرڪس جي اختياريءَ وارن شهر جي درزين کي هاٿيءَ لاءِ هڪ لباس تيار ڪرڻ لاءِ چيو.

هاٿيءَ جي ماپ وٺندي درزين کي بيحد گهڻي حيرت ٿي، ڇوته اٽڪل پنج ميٽر گولائيءَ ۾ لباس تيار ڪرڻ ڪا رواجي ڳالهه نه هئي پر هنن انهيءَ لباس جي تياري شروع ڪري ڏني ۽ هاٿيءَ جي بدن مطابق هڪ شاندار لباس تيار ڪيو پر لباس تيار ڪرڻ ۾ کين گهڻي محنت ڪرڻي پيئي.

هاٿيءَ جي انهيءَ لباس ۾ هوا ۽ پاڻيءَ کان محفوظ ڪندڙ ڪپڙو، گديون ۽ ٽاٽ ڪم آندو ويو. لباس کي زينت بخشڻ لاءِ مقامي موچين کي هاٿيءَ لاءِ آرامده بوٽ ٺاهڻ لاءِ چيو ويو. موچين هاٿيءَ لاءِ بوٽن جا ٻه جوڙا ٨٠ سينٽي ميٽر ڊگها ۽ ١٥٠ سينٽيميٽر ويڪرا تيار ڪيا.

## ● ايڪسري لاءِ سادو ڪاغذ

هاڻي ايڪسري فوٽن لاءِ سادو ڪاغذ استعمال ڪري سگهبو جيڪو ڏهه دفعا وڌيڪ ترت ۽ گهٽ لاڳت ۾ تيار ٿيندو. سادي ڪاغذ واري ايڪسري فوٽو جا نقش وڌيڪ چٽا ۽ ڊرائنگ جهڙا آهن.

(بقايا ڏسو صفحو ٤٨)

## نصير خان بلوچ - گڏاپ

س - پاڻيءَ جي برقي ڇيد لاءِ استعمال ٿيندڙ اوزار جو نالو ڇا آهي ؟

ج - "وولٽا ميٽر" .

## منوهر لعل - اي هيلاڻي ، ڪنڊڪوٽ

س - خالي ڪمري ۾ آواز جو پڙاڏو (Echo) ٿيندو آهي، پر پريل ۾ نه ، انجوڪهڙو سبب آهي ؟

ج - پڙاڏو تڏهين ٿيندو آهي جڏهين اسانجو آواز ڪنهن شئي سان ٽڪرائجي موٽ ڪائي اسانجي ڪنن تائين واپس پهچي ٿو. جيڪڏهين آواز ڪنهن اهڙي شيءِ سان ٽڪرائجي، جيڪا اسانکي بلڪل ويجهو هجي ته اهو جلدي موٽ ڪائي اسانجي ڪنن تائين پهچي وڃي ٿو جنهنڪري پڙاڏو نٿو ٿئي. پر جيڪڏهين اها شيءِ گهڻو پري هوندي ته آواز کي موٽ ڪائي ڪنن تائين پهچڻ ۾ وقت لڳي ٿو جنهنڪري اهو ڪجهه دير سان ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ۽ اسين انکي "پڙاڏو" چوندا آهيون اهڙيءَ طرح ڪنهن وڏي خالي ڪمري ۾ آواز پٽين سان ٽڪرائجي ڪجهه دير سان واپس موٽي ٿو پر پريل ڪمري ۾ اهو ٻين ويجهن شين سان ٽڪرائجي جلد موٽ ڪائي ٿو تنهنڪري پڙادو نٿو ٿئي.

## عباس علي ڪوسو - پريالوءِ

س - اس لڳڻ ڪري پگهر ڇو وهندو آهي ؟

ج - اس لڳڻ سان بدن جي گرميءَ ۾ واڌارو اچي ٿو جنهنڪري چمڙيءَ ۾ "پگهر جا ڳلفڙا" (Sweat glands) کلي پون ٿا ۽ پگهر وهڻ شروع ٿئي ٿو .

## حفيظ الرحمان - ٽنڊوجام

س - پاڻي گرم ٿيڻ ۾ دير سان ٿئي ٿو ۽ ٺري به دير سان ٿو، سو ڇو؟

ج - ڇاڪاڻ ته پاڻيءَ جي مخصوص گرمي سڀ کان گهڻي آهي، تنهنڪري ان ۾ حراري گنجائش (Heat capacity) ۾ گهڻي ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري پاڻيءَ کي گرمي گڏ ڪرڻ ۾ به دير لڳي ٿي ۽ گرمي ڇڏڻ ۾ به .

## نثار احمد مهر - ڳوٺ قاسم

س - سياري ۾ چپن ۽ پيرن ڦاٽڻ جا ڪهڙا سبب آهن ؟

ج - چپن ۽ پيرن ڦاٽڻ جو سبب عام طور گهڻي ٿڌ ۽ ان سان گڏ وايو منڊل ۾ گهم جو تناسب گهٽ هجڻ آهي . گهڻي ٿڌ ڪري رت جو دورو ، خاص طور رت جي سنهڙين نلين ۾ ، صحيح طرح نٿو ٿئي تنهنڪري چمڙيءَ کي پوري غذا ۽ گرمي نٿي ملي ۽ اها جلد خشڪ ٿي وڃي ٿي . پوءِ وري وايو منڊل ۾ گهم جي گهٽجڻ ڪري به اها خشڪ چمڙي ڦاٽي پوي ٿي . ڪن حالتن ۾ چمڙيءَ جا اهي حصا بي حس ٿي ختم ٿيوڃن ٿا جنکي اسين ڇوڏن جي صورت ۾ لاهي ڇڏيندا آهيون .

---

( بقايا — "سائنسي معلومات" )

اليڪٽرڪ ريڊيو گرافيءَ جي اها نئين ٽيڪنڪ روسي ڊاڪٽرن ۽ انجنيرن ڪئي آهي جيڪا ماس جي نرم ٽنتن، هڏن، ڦڦڙن، دل ۽ ڪاڏي جي نليءَ جي چڪاس لاءِ فائديمند آهي .

## • پيدائشي نشي باز

نيويارڪ ۾ جاري ٿيل سرڪاري اعلان موجب گذريل ٻارهن مهينن جي دوران ساڍا پنج سو اهڙا ٻار پيدا ٿيا آهن جيڪي پيدائشي طور "پيٿوڊرين" ۽ "هيروئن" جهڙين نشيدار شين جا عادي آهن . انهن ٻارن جون مائرون حمل جي دوران پيٿوڊرين ۽ هيروئن جو نشو ڪنديون هيون . انهن ٻارن ۾ جوانن وانگر نشي جون سڀئي علامتون موجود آهن ۽ نشي نه ملڻ جي صورت ۾ هو مري به وڃن ٿا. ان سلسلي ۾ هڪ خصوصي تحقيقاتي ڪميٽيءَ اندازو لڳايو آهي ته رڳو نيويارڪ ۾ اهڙي قسم جي ٻارن جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ ٻن هزارن جي ويجهو آهي .

Registered No. S-2956

MONTHLY **Science** MAGAZINE

Approved by the Directorate of Education, Hyderabad Region

Vol: 3 FEBRUARY 1973 No. 2

قومي ترقي

قومي بينڪ

نيشنل بينڪ آف پاڪستان

IAL-NBP-1-73

Printed by Aijaz Mohammed Siddiqui, Manager, Sind University Press, Hyderabad Sind
& Published by Ghulam Ali Allana, Manager, Monthly "Science", Institute of Sindhology, University of Sind, Hyd. Sind.